ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

ماخذ تحقیقی مجلہ

ڊاڪٽر ذوالفقارعلي جلباڻي
اسسٽنٽ پروفيسر گورنمينٽ بوائز ڊگري ڪاليج محرابپور ضلعو نوشهرو فيروز سنڌ

# سنڌي ادب ۾ ڪيل ترجمن جو مختصر اڀياس

**<u>Dr. Zulfiqar Ali Jalbani</u>**
Assistant Professor, Govt Boys Degree College, Mehrab Pur, District Noshehra Feroz Sindh.

## A Short Study of Translations into Sindhi Literature

From the study of the history of Sindhi literature, it is revealed that the growth of Sindhi literature has increased with the translation and development of Sindhi literature. A study of Sindhi literature shows that the first translation in Sindhi language is in the year 270 AH, the first translation of the Holy Quran into Sindhi.Famous remarks in Buzrurg ibn Shariyar's "Ajaib al Hind (ed. Paris 1878;p.2) according to which th prince of Ra had asked the ruler of Mansura, to send someone to instruct him in Islamic subjects ;and a pious and learned man went and started translating the Quraan ,beginning with Surah Yasin. Today it is a matter of debate, where does it translate the Quran in the Sindhi language and in what place and in what form? There is no such proven principle that can be used to build a foundation!  The reason why translations are done is because when our scholarly writers, poets, researchers, and critics are influenced and impressed by a book of another language, they should have discussions with their thought-provoking scholars about that book. Each book has its own importance and intellectual distinguishing features; on the one hand the author has his own style and on the other hand each language has its own rules and principles. The period in which the book is posted has its own set of requirements that affects the society as a whole. This whole book challenges an interpreter to do proper justice to the book.

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

**Keywords:** *Translating, Debate, Sindhi Language, Poets, Researchers, Intellectual, Priniples, Society.*

**اڀياس جو مقصد:** لفظ ترجمو پنهنجي اندر هڪ وسيع معنيٰ رکي ٿو. دنيا جي سمورين ٻولين ۾ هي اصطلاح اهميت حاصل ڪري چڪو آهي. چاڪاڻ جو دنيا جي هر هڪ علمي ۽ ادبي زبان جي شاهوڪاري جي شاهدي انهيءَ زبان جي ادبي تاريخن مان معلوم ٿيندي آهي. سنڌي زبان اهلِ سنڌ وارن جي هڪ اهڙي شاهوڪار ۽ علم وادب جو ذخيرو رکندڙ زبان آهي جنهن ۾ هر قسم جي علمي وادبي ۽ فنن تي مشتمل ڪتاب ملن ٿا. سنڌ جي سرزمين پنهنجي ڪُک مان ڪيترن ئي عالمن، اديبن، شاعرن ۽ مترجمن کي جنم ڏنو آهي، جن جي مسلسل ڪوشش سان سنڌي زبان جي خزاني ۾ وڏو علمي ذخيرو گڏ ٿيو آهي. سنڌ ڌرتيءَ وارن جي اها خوبي رهي ته، هُو ٻين جي لکيل مشهور ۽ معروف ڪتابن کي پڙهي تن تان ترجما ڪندا رهيا آهن ۽ اها هڪ قديم روايت پئي رهي آهي. هڪ ڪتاب جو ترجمو ٻئي زبان جي ضرورت ۽ اهميت وارو رهيو آهي. هتان جي باشعور ۽ اعليٰ انسانن سنڌي زبان کي حياتِ جاويد جو جامو پهرائڻ لاءِ، دنيا جي ٻين ٻولين جي خزانن مان ڪيئي نوان نوان علم سکي ۽ ٻين کي سيکاريا آهن. اهو سکڻ ۽ سيکارڻ جو عمل صدين کان جاري آهي. ترجمو ڇا آهي هت هيٺ لغت جو سهارو وٺون ٿا:

”منتقل ڪرڻ ١ هڪ مان ٻي حالت/ جاءِ وغيره ( Translate v.t) تي پهچڻ ٢ _ ترجمو ڪرڻ، ٻي زبان ۾ منتقل ڪرڻ ٣ _ مختلف لفظن جو روپ ڏيڻ.“ (سنڌيڪا ڊڪشنري: ٢٠٠٣، ٩٥٥)

اهل سنڌ وارن ڪڏهن به، علمن ۽ فنن کي حاصل ڪرڻ لاءِ پنهنجي دل کي سوڙهو ناهي رکيو. هيءُ به حقيقت آهي ته، هتان جي عالمن جون عربي ۽ فارسي محبوب ٻوليون رهيون آهن، جنهن ڪري انهن ٻولين سان دلچسپيءَ سبب ڪيترائي سنڌي عربي ۽ فارسيءَ جا وڏا وڏا ماهر ٿي گذريا آهن. انهيءَ مهارت جي ڪري عربي ۽ فارسي زبانن جي شهپارن کي سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرڻ زبان شناسي جو نهايت ئي عمدو مثال آهي. ”سنڌ ۾ اسلام جي آمد (٧١٢ع) کان به _ ٿي صديون اڳ، علم نجوم، علم هيئت، علم رياضي، علم طب، علم اللسان ۽ علم الانسان توڙي ٻين علمن جا ودوان موجود هئا، جن مان ڪيترن جا لکيل ڪتاب، پهرين ايراني دور ۾ فارسي

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

زبان ۾، ۽ پوءِ اُميه ۽ عباسي دور حڪومت ۾ عربي زبان ۾ ترجمو ڪيا ويا.“ (الانا، ٢٠٠٦: ٦١)

## عربن جو دور (٧١٢ _ ١٠٥٠ع)

عربن جي دور حڪومت ۾، سنڌي ٻوليءَ ۾ تمام گهڻي وسعت آئي هئي، ڇاڪاڻ ته، عربن ۽ سنڌي ماڻهن جي وچ ۾ جيڪي اجتماعي ڳانڍاپا قائم ٿيا هئا، جنهن جي بدولت عربي ٻوليءَ جا ڪيترائي لفظ سنڌي ٻوليءَ ۾ داخل ٿيا. سنڌ جي ادبي تاريخن، ڪيترن ئي رسالن، يورنيورسٽين پاران ڪرايل سيمينارن جي ذريعي ترجمي جي فن بابت جيڪي مقالا ۽ مضمون لکجي چڪا آهن يا لکجي رهيا آهن، تن مان معلومات آڌو اچي ٿي ته، عربن جي دور حڪومت دوران سنڌي ترجمي جي فن متعلق ڪي مفيد ۽ معلوماتي ڪتابن جا ترجما ٿيا آهن.”ٽئين ۽ چوٿينءَ صدي هجريءَ ۾ جيڪي عرب عالم ۽ سياح سنڌ ۾ آيا، تن جي احوالن ۽ تذڪرن مان اهو پوريءَ طرح سان معلوم ٿئي ٿو ته سنڌي زبان، سنڌ ملڪ جي قومي ۽ ملڪي زبان هئي. بزرگ بن شهر يار ’ڪتاب الهند‘ ۾ هن طرح سان لکي ٿو ته ”الور جي هڪ هندو راجا منصوره جي مسلمان حاڪم عبدالله بن عمر هباري ڏي لکي موڪليو ته قرآن پاڪ ۽ مذهب اسلام جي عقائد ۽ تعليم تي سنڌي زبان ۾ ڪتاب لکرائي ڏانهس موڪلي. عبدالله هڪ عراقي نسل جي سنڌي عالم کان ڪلام پاڪ جو ترجمو ۽ اسلامي عقائد ۽ تعليم تي ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪرائي موڪليا.“ (قريشي، ١٩٧١: ٨٣) مطالعي مان جيڪا معلومات آڌو اچي ٿي ته، قرآن پاڪ جو ترجمو سنڌي نثر ۾ ٿيو ۽ مذهب اسلام جي عقيدن ۽ تعليم وارو ڪتاب سنڌي نظم ۾ ترجمو ڪيو ويو هو.

”مختلف دورن ۾ ايران مان سنڌ ۽ برصغير هند ۽ پاڪستان جي ٻين علائقن ڏي لڏ پلاڻ ٿيندي رهي آهي. ان لڏ پلاڻ سبب وقت بوقت ايران مان ڪيترا عالم درويش، شاعر ۽ ٻيا بزرگ اچي وڃن ٿا جن ڪنهن نه ڪنهن ارادي سان پنهنجو وطن ڇڏي سنڌ جا وڻ اچي وسايا. هتي اچي زندگيءَ جي مختلف شعبن ۾مشغول ٿي ويا. سندن هنر ۽ ڪمال مان سنڌ وارن گهڻو ڪجهه پرايو.“ (جوڻيجو، ٧٣: ١٨) ڊاڪٽر عبدالجبار جوڻيجو، ڊاڪٽر غلام علي الانا ۽ سنڌ جي ٻين محققن جي تحقيقن مان ثابت ٿئي ٿو ته، عرب حڪومت دوران عراق، عمان، مصر، بصري، شام ۽ يمن کان جيڪي

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

ماڻهو هجرت ڪري، سنڌ آيا هئا تن مٿان سنڌ جي تهذيب وتمدن جا گهرا اثرات مرتب ٿيا هئا.

## سومرا دور (١٠٥١ _ ١٣٥١ع)

ادبي تاريخن جي مطالعي مان معلوم ٿئي ٿو ته، سومرن حاڪمن جي دور ۾، سنڌي ٻوليءَ ۽ ادب جي پرورش ۽ وجود جي بقاءَ لاءِ وڏيون ڪوششون ٿيون. مذڪوره دور ۾ ڳنان، بيت، ڳيچ، زرميه شاعري کان وينديء رومانوي شاعريءَ جون صنفون لڪت جي صورت ۾ ملن ٿيون. انهيءَ ڪري هن دور کي علمي ۽ ادبي لحاظ کان مثالي دور سڏيو وڃي ٿو. هن دور جي، ”پير شمس الدين، پير نورالدين ۽ پير صدرالدين جا نالا... نشانبر آهن. اسماعيلي فرقي جي امام مستنصر باالله جي تعليمات جو فارسي مان سنڌيءَ ۾ ترجمو ٿيو.“ (جوٽيجو، ١٩٧٣: ١٩)

## سمادور (١٣٥١ _ ١٥١٩ع)

سمن جي دور کي سنڌي ادب جو تعميري دور سڏيو وڃي ٿو. هن دور ۾ سنڌي ٻولي سنڌ جون سرحدون پار ڪري پري پري تائين پهتي.

”سنڌي ٻولي ڪاٺياواڙ، ڪڇ، گجرات، لس ٻيلو، قلات، مڪران، سبي، پاڳناڙي ۽ بهاولپور تائين پهتي، انهيءَ ڪري سرائڪي ۽ سنڌي ٻوليءَ جو هڪٻئي تي اثر پيو ۽ سنڌي بيت بهاولپور جي علائقي تائين مشهور ٿيا.“ (ميمڻ، ١٩٩٢: ٢١٠)،

## ارغونن، ترخانن ۽ مغلن جو دور (١٥١٩ _ ١٧٠٠ع)

”ڏهين صدي هجريءَ ڌاري سنڌ ۾ مخدوم جعفر بوبڪائي هن دور جو هڪ بلند مرتبي جو عالم ۽ محقق هو، تعليمي سکيا جي لحاظ کان عربي زبان ۾ ”نهجُ التعليم“ جي نالي سان هڪ تفصيلي ڪتاب تصنيف ڪيو. هن ڪتاب ۾ استادن ۽ شاگردن لاءِ نصابي ڪتاب پڙهڻ ۽ پڙهائڻ جي طور طريقن سان گڏ، استادن ۽ شاگردن جي قابليت ۽ ذهني صلاحيتن بابت تفصيل سمجهايل آهن.“ (قريشي، ١٩٩٤: ٥١) اهڙي طرح، سنڌ جا ٻيا به، ڪيترائي ناميارا عالم ۽ استاد هيا جن پنهنجي دور تي ڇاپ ڇڏي آهي، انهن ۾، مولانا محمد غوثي شطاري مانڊويءَ جو نالو ملي ٿو، جنهن ”سن ١٠١٤ھ/ ١٦٠٥ع کان سن ١٠٢٢ھ/ ١٦١٣ع واري عرصي درميان، قاضي قادن جي سنڌي بيتن جو فارسي زبان ۾ ترجمو ڪيو.... اهڙي طرح سنڌ جي هڪ عالم ميان محمد رضا بن عبدالواسع ٺٽويءَ سن ١٠٣٨ھ/ ١٦٢٩ع ۾ پنهنجي

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**



مرشد شاھ ڪريم بُلڙي واري جي سنڌي بيتن جو فارسي زبان ۾ ”بيان العارفين و تنبيه الغافلين“ جي نالي سان ترجمو ڪيو.... سنڌيءَ ۾ اهڙي اعليٰ فهم ۽ فڪر جي موجودگي ۽ ان جي عام اشاعت افاديت جي لحاظ سان سنڌيءَ کي فارسيءَ جي برابر بڻائي ڇڏيو.“ (قريشي، ١٩٩٤: ٥٢)، هن ئي دور ۾ مخدوم نوح به، قرآن پاڪ جو فارسي زبان ۾، پڻ ترجمو ڪيو هو.

## ڪلهوڙن جي دور جا ڪجھ ترجما (١٧٠٠ _ ١٧٨٢ع)،

سنڌ جي تاريخن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ته، ڪلهوڙن جي دور کي سنڌي ادب جو سونهري دور سڏيو وڃي ٿو. ڇاڪاڻ جو هن دور ۾، مخدوم ابوالحسن ٺٽوي سنڌي ٻوليءَ جي الف _ بي جوڙي راس ڪئي هئي. اهو به رواج عام ٿيو ته، ڪيترائي عربي ۽ فارسي جا ڪتاب سنڌي ٻوليءَ ۾ ترجمو ڪيا ويا. مثال:

## قصص الانبياء جو سنڌي ترجمو

دراصل هيءُ ڪتاب فارسيءَ ۾ تصنيف ڪيل آهي، جنهن جو منظوم سنڌي ترجمو مولوي محمد حسين ١١٧٠ھ مطابق ١٧٦٣ع ۾ ڪيو....انهيءَ سنڌي ترجمي جو نالو ”**سير بستان**“ رکيو.... مولوي صاحب جي انهي ترجمي مان ظاهر ٿئي ٿو ته پاڻ عربي ۽ فارسي سان گڏ سنڌيءَ جو وڏو ڄاڻو ۽ مخدوم ابوالحسن جي ايجاد ڪيل سنڌي صورتخطيءَ تي به چڱو ملڪو حاصل هئس.“ (قريشي، ١٩٨٧: ٣٤)

## جائزو

=”سيربستان“هيءُ هڪ ڊگهن نظمن جو هڪ عمدي نموني جو ڪتاب آهي. هن ڪتاب ۾ حضرت آدم عليه السلام کان وٺي حضرت محمد مصطفيٰ ﷺ جن تائين سڀني مشهور ۽ مقبول نبين سڳورن جو ذڪر ٿيل آهي ۽ انهيءَ کان علاوه حضور ﷺ جي مدح ۽ ثنا نهايت ئي سهڻي انداز ۾ پيش ڪيل آهي ۽ انهيءَ کان علاوه انهيءَ ثنا خواني ۾ نغمگي پڻ سمايل آهي.”هن ڪتاب ۾ به پاڳا آهن ٻنهي حصن ۾ قافيه پيماني جو معيار هڪ جهڙو آهي، ليڪن ڪن ڪن جاين تي” آ“ جي آواز ۾ ڪو به امتياز نه رکيو ويو اٿس ۽ آن، آءِ ۽ آ کي ”آ“ جي مفهوم ۾ نڀايو آهي _ مثلاً

پڻ مولي مڪو تن اتي پيغمبر تن منجا
نالو بوتيڪ تنهنجو تان سڪڻ شريعت لاءِ
بعضي شاد مان سَرها، بعضي غمناڪا

ISSN (Print): 2709-9636 | ISSN (Online): 2709-9644
Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)

جي هوندا هوا هيڪ جي جهاتہ ڪمي ڪهڙي آ.“ (قريشي، ١٩٨٧: ٣٤)

ڪتاب جي لب و لهجي، تحرير ۾ جملن جي نحوي بناوتن مان جيڪو نتيجو اخذ ٿو آهي ته، هن ڪتاب جي نظم ۾ هرو ڀرو تڪلف ۽ تصنع نه آهي، زبان سولي سادي ۽ سپڪ جو اظهار ڪيل آهي.

هن دور ۾، شاه عبداللطيف ڀٽائيءَ جهڙو باڪمال شاعر پيدا ٿيو جنهن جي شاعريءَ جا چرچا پوري دنيا جي زبانن ۾ جڳهه والاري چڪا آهن.

## ميرن يا ٽالپرن (١٧٨٢ _ ١٨٤٣ع)

ميرن جي دور حڪومت ۾ به، ڪلهوڙن جي حڪومت واريون روايتو ساڳيون رهيون ۽ ڪيترن ئي ڪتابن جا ترجما ٿيندا رهيا.

## سنڌي مسلم ادبي سوسائٽيءَ جو ترجمن ۾ ڪردار

سنڌ جي عالمن ۽ اديبن اشاعتي پروگرامن جي سلسلي جي ڪمي کي محسوس ڪندي هن اشاعتي اداري جو بنياد سن ١٩٣١ع ۾رکيو. هن اداري پاران ٿيٺيهن ليکڪن جا ٧٢ کن ڪتاب شايع ٿيا. دراصل هن اداري ويهن سالن جي عرصي يعني (١٩٣١ _ ١٩٥١ع) تائين پنهنجون اشاعتي خدمتون سرانجام ڏنيون آهن سي تاريخ ۾ هميشه امر رهنديون. هن اداري پاران ترجمو ڪيل مختلف موضوعن جا ڪتاب هيٺ ڏجن ٿا:

دیني ادب بابت ترجما

جهڙوڪ: اسلامي تصوف: مترجم _مخدوم ميان غلام حيدر صديقي (١٩٣٥ع)، چاليهہ حديثون: مترجم _ غلام محمد شاهواڻي (١٩٤٠ع)، اسلامي هدايت نامو: مترجم _ مولانا فضل احمد غزنوي (١٩٤٢ع)، جواهر: مترجم _ مولانا عبدالڪريم چشتي (١٩٤٣ع)، اسلامي عقائد: مترجم _ رسول بخش آخوند (١٩٤٤ع)، ارڪانِ اسلام: مترجم _ رسول بخش آخوند (١٩٤٦)، ۽ مقاصد الاسلام: مترجم _ قاضي عبدالرزاق (١٩٤٦ع).

اصلاحي ۽ اخلاقي ڪتاب

قرآن ۽ نئين روشني: مترجم_حڪيم عبدالخالق ’خليق‘ مورائي (١٩٣٢ع)، ضمان الفردوس: مترجم_ميرزا قليچ بيگ (١٩٣٥ع)، عقود اللالي يا موتين جو هار: مترجم_ميرزا قليچ بيگ، (١٩٣٧ع)، اسلامي نظامِ تعليم: مترجم _ خانبهادر محمد صديق ميمڻ (١٩٤٠ع)، جوهرِ اسلام: مترجم _ غلام محمد شاهواڻي (١٩٤٠ع)، تهذيب اخلاق: مترجم_ميرزا قليچ بيگ

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**



(١٩٤١ع)، گلشنِ بهار: مترجم_غلام محمد شاهواڻي(١٩٤٢ع)، اخلاقِ محسني، پاڱو پهريون: مترجم_محمد صديق 'مسافر'(١٩٤٣ع). مذڪوره اداري پاران هرقسم جو مواد شايع ڪيو.

## سنڌي ادبي بورڊ جي ترجمو ڪيل ڪتابن جو مختصر جائزو

سنڌ جي ڪيترن ئي سرڪاري ۽ نجي ادارن پاران سنڌي ترجمن واري ڪم کي اوليت ڏئي مختلف موضوعن جا ڪتاب شايع ڪيا آهن تن ۾، سنڌي ادبي بورڊ جو نالو نشانبر طور نظر اچي ٿو، هن هيٺ ڪن ڪتابن جو مختصر جائزو پيش ڪجي ٿو.

## پوري چوڪري حق جي ڳولا ۾

هيءُ ڪتابُ 'پوري چوڪري حق جي ڳولا ۾' (٢٠٠٥ع) ۾ شايع ٿيو. مذڪوره ڪتاب هڪ سؤ ٻائيتاليهن صفحن تي مشتمل آهي.

مذڪوره ڪتاب جو ٽيون ڇاپو اسان جي اڀياس هيٺ آهي، جنهن جي قيمت، پنجهٺ (٠٠ _ ٦٥) رپيا رکيل آهي. ''پوري چوڪري حق جي ڳولا ۾'' دراصل انگريزي ڏاهي جارج برناڊشا جي ١٩٣٢ع ۾ لکيل جڳ مشهور تحرير 'Adventures of the Block Girl In her search for God' جي جواب ۾ لکيل هڪ اهڙو فڪري نڪتن تي آڌاريل ڪتاب آهي، جنهن ۾ موجود گهرو ادراڪ ۽ بيمثال تدبر ۾ ايندڙ ڳچ عرصي تائين سوچيندڙ ۽ ڪائناتي ڳجهن ۾ دلچسپي رکندڙ ذهنن لاءِ ڪشش جو ڪارڻ بڻيو رهندو... علامه صاحب انهيءَ تصورن تي تنقيد ڪندي انساني سماج جي سماجياتي، سياسي ۽ روحاني تاريخ جو تذڪرو ڪندي روحاني پاڪيزگي ۽ ذهني پڪائي لاءِ هڪ صحتمند مذهب کي لازمي قرار ڏئي ٿو.'' (ڇپائيندڙ پاران)، علامه آءِ. آءِ قاضي هميشه پنهنجي اعليٰ مقصدن کي آڏو رکي، سنڌ جي تعليم ۽ تحقيق جي عملي ترقيءَ جو خواهشمند هو، جنهن ڪري پاڻ مشرقي ۽ مغربي علمن جو مطالعو ڪري پنهنجي مشاهدي واري نظر سان شين جي اوک ڊوک ڪيائين. اهڙين خوبين ڪري دنيا جي ڪنڊ ڪڙڇ ۾ مقبوليت ماڻيائين. مذڪوره ڪتاب ۾ جيڪا معلومات ڏنل آهي، تنهن مشرق ۽ مغرب وارن کي لاجواب ڪري ڇڏيو هو.''هيءُ ڪتاب، جيڪو ''مسٽر شا'' جي انهيءَ ڪتاب جو، هڪ مسلمان مفڪر جي طرفان جواب آهي، جيڪو سڀ کان اول ''ڪانسٽيبل ائنڊ ڪمپني لميٽڊ (لنڊن) طرفان ڪاري چوڪريءَ جا خدا جي ڳولا لاءِ ''ڏاڪڙا'' جي نالي سان سن ١٩٣٢ع جي آخر ۾ شايع ڪيو ويو هو. ان کان پوءِ وري اهوئي ڪتاب پينگئن بُڪس لميٽيڊ طرفان ''ڪاري

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

چوڪري خدا جي ڳولا ۾“ جي عنوان سان شايع ڪيو ويو آهي ۽ ساڻ ئي ڪجھ ٻيون ننڍيون ڪهاڻيون به شامل ڪيل آهن. مسٽر ۽ مسز آءِ. آءِ قاضيءَ ”پوري چوڪري جا ڏاڪڙا“ سن ١٩٣٣ع ۾ ”مسٽر شا“ جي ڪتاب جي جواب ۾ شايع ڪيو.“ (اي. ڪي بروهي: ڪتاب جو تعارف: ٢٠٠٥: ١)، سنڌي ادبي بورڊ جي علمي ڪمن تي هر مڪتبهءِ فڪر سان تعلق رکندڙ سياسي، سماجي، نوجوان شاگرد، استاد، عالم، اديب، ڏاها، مؤرخ، محقق ۽ نقاد علم ۽ ادب سان چاهه رکندڙ بي لوث خدمتن تي سرهائي جو اظهار ڪن

## مرزا قليچ بيگ جا ڪجھ ترجما

مرزا قليچ بيگ سنڌ جو هڪ اهڙو ناميارو عالم هو، جنهن جي علمي ودابي ۽ تحقيقي خدمتن جي هاڪ ڏوران ڏور مشهور هئي. سنڌي ادبي بورڊ مرزا قليچ بيگ جي ترجمن کي ترجيحي بنيادن تي رکي سندس شهپارن کي شايع ڪيو آهي. انهن ۾ مختصر آهن: ”عجيب ڳالهيون“ جيڪو مطالعي هيٺ آهي. مذڪوره ڪتاب جو چاپو ٽيون (٢٠٠٧ع) ۾ پڌرو ٿيو آهي. مذڪوره ڪتاب ۾ هڪ سؤ ستاويهه آکاڻيون ترجمو ڪيل آهن ۽ انهيءَ کان سواءِ اسان جي مطالعي ۾، سندس هڪ ٻيو ترجمو ڪيل ڪتاب ”گلن جي ٽوڪري“ چاپو چوٿون (جون _ ٢٠٠٥ع) شايع ٿيو آهي، جنهن ۾ چوويهه باب ۽ چوويهه ڪهاڻيون ڏنل آهن. هي سمورو ڪتاب هڪ سؤ اوٺهٺ صفحن تي مشتمل آهي. مرزا قليچ بيگ ترجمي جي فن جو هڪ يگانو عالم هو، جنهن ڪري سنڌي ادب جي تاريخن ۾ سنڌ جو شيڪسپيئر چيو وڃي ٿو.

## دنيا جا عظيم افسانا

مذڪوره ڪتاب عنوان: ”دنيا جا عظيم افسانا“ (ڳڏيل ڀاڱا) سنڌيڪار: رشيد ڀٽي (چاپو ٽيون، مئي ٢٠٠٥ع) ۾ شايع ٿيو، جيڪو اصل ڪتاب ”Worlds Great Stories“ تان ترجمو ٿيل آهي. جنهن ۾ پهريون افسانو ”چمي“ ۽ آخري افسانو ”پهرين اڏام“ ڪتاب ۾ ڏنل آهي. ٽيهن افسانن جي ليکڪن سميت ضميما ۾: سورهن افسانه نگارن جي حياتين جو مختصر احوال ڏنل آهي. هي سمورو ڪتاب (۴۶۴) صفحن تي مشتمل آهي.

## آمريڪي لوڪ ڪهاڻيون

”آمريڪي لوڪ ڪهاڻيون“ مرتب: رئشل فيلڊ: مترجم: علي بخش ميمڻ، چاپو ٻيو: (٢٠٠٦ع)، هي ڪتاب آمريڪي لوڪ ڪهاڻيون،

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

آمريڪي فوڪ لورجي ڪتاب"American Folk and Fairy Tales" جو ترجمو آهي. جنهن ۾ ڳاڙهن هندن جون اٺ لوڪهاڻيون ۽ آمريڪي شيدين جون چار ڪهاڻيون، لوئيزينيا رياست جون به لوڪ ڪهاڻيون، ٽوني بيور ۽ پال بنيان جون ٽي ڪهاڻيون ۽ اهڙي طرح آخر ۾: ڏاکڻي پهاڙي علائقي جون ٽي ڪهاڻيون ڏنل آهن. هي سمورو شاهڪار ڪتاب هڪ سؤ ڇهانوي (۱۹۶) صفحن تي مشتمل آهي.

## ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون

"ايشيا جون لوڪ ڪهاڻيون" (ٻارن لاءِ ديس ديس جون آکاڻيون)، مترجم: مراد علي مرزا هي ننڍڙو هڪ سؤ اٺاويھ صفحن جو ڪتاب آهي جنهن ۾ انڊو نيشيا، ايران، بنگلاديش، ڀارت، پاڪستان، ٿائيلينڊ، جپان، فلپائن، سري لنڪا، سينگاپور، ڪمير، ڪوريا، لائوس، ملائيشيا، نيپال ۽ ويٽنام جي آکاڻين جو ترجمو ڪيو ويو آهي. "هن ڪتاب ۾ ڏور ايشيا، ڏور اوڀر ايشيا ۽ ننڍي کنڊ سميت نار جي ملڪن سان لاڳاپيل تحريرن جو لاجواب ترجمو ڪري سنڌ جي نئين نسل کي جيڪو املھ تحفو آڇيو آهي، سو ايندڙ ڪئين ڏهاڪن تائين سنڌ جي نئين نسل جي لکين ذهنن ۽ دلين تي اثر انداز ٿيندو رهندو." (انعام الله شيخ: سيڪريٽري سنڌي ادبي بورڊ: ۲۰۰۵، ڇپائيندڙ ٻاران)، هن ڪتاب جي پهرين آکاڻي "چانور جي آکاڻي" آهي ۽ هن ڪتاب جي آخري آکاڻي "سوپاري ۽ پان جي ڪهاڻي" آهي. هي سمورو ننڍڙين ننڍڙين آکاڻين تي هڪ نصيحت ڀريو ڪتاب آهي. هيءُ سمورو ڪتاب هڪ سؤ اٺاويهن (۱۲۸) صفحن تي مشتمل آهي.

## وحشي جيوت جا نشان

هاورڊ موئرڊ جي 'Savege Survivals' جو سنڌي ترجمو: از محمد ابراهيم جويو، ڇاپو ٻيو، جيڪو سن (۱۹۹۴ع)، شايع ٿيو.

هن ڪتاب جي مهاڳ ۾، محمد ابراهيم جويو لکي ٿو ته: "هڪڙو ڪتاب جيڪو مون ۱۹۳۸ع ۾ پڙهيو، سو هيءُ زير نظر ڪتاب جي _ هاوورڊ مُوئر جو Savage Survivals "وحشي جيوت جا نشان" هو، جيڪو ان ڪتابي سلسلي جو ۳۶ نمبر ڪتاب هو. ٻين ڪتابن سان گڏ، گهڻو پوءِ، ۱۹۴۷ع ۾، هن جو ٻيو ڪتاب، ايل. ٽي. هاب هائوس جو The Rational Good ("نيڪيءَ جي معقول سمجهاڻي")، جيڪو ان سلسلي جو ۱۱۳ ڪتاب هو، پڻ پڙهيم. هنن ٻنهي ڪتابن منهنجي دل تي، اخلاقيات جي

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

بنيادي سوالن جي سمجهاڻيءَ جي سلسلي ۾ بيحد گهرو اثر پيدا ڪيو.“ (جويو، ۱۹۹۴: ۷)، هي سمورو ڪتاب پنجن بابن تي مشتمل آهي. پهرين باب ۾ جيڪي عنوان رکيل آهن، تن ۾، پاليل جانورن جو اصل نسل، ۱. پنجن سبقن جو هڪ ننڍڙو ڪتاب ۲. پاليل ۽ جهنگلي جانور ۳. ڪتو ۴. ٻلي ۵. گهوڙو ۶. گڏهه ۽ خچر ۷. مال (ڳئون ۽ ماهو)، ۸. رڍون ۽ ٻڪريون ۹. سوئر ۱۰. وڏو هرڻ ۱۱. اُٺ ۱۲. هاٿي ۱۳. پاليل پکي ۱۴. پاليل جيت ۱۵. اختصار ۽ نتيجو. **باب ٻيو**: جنهن جو مکيه عنوان آهي: ’پاليل جانورن ۾ وحشي جيوت جا نشان‘ هن باب ۾ ننڍاننڍا ڪل پندرهن عنوان ڏنل آهن. **باب ٽيون:** هن باب ۾، مکيه عنوان آهي: ’مٿينءَ سطح جي ماڻهن (قومن) جو حسب نسب‘ ۽ پڻ هن باب ۾ ٻيا ننڍا پندرهن عنوان آهن. **باب چوٿون**: ’مٿينءَ سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان‘ اهم عنوان آهي ۽ هن عنوان هيٺ ٻيا ننڍا ڏهه عنوان رکيا ويا آهن. اهڙي طرح هن ڪتاب جو **پنجون باب**: جو عنوان آهي: ’مٿينءَ سطح جي ماڻهن ۾ وحشي جيوت جا باقي نشان‘ (هلندڙ) هن باب هيٺ اٺ ننڍا عنوان ڏنل آهن. ٻي طرف وري هن ڪتاب ۾ تصويرن جي فهرست الڳ ڏني وئي آهي، جنهن جي سري هيٺ ستاويهه تصويرون ڏنل آهن. اهي تصويرون مختلف جانورن جون آهن ۽ انهن تصويرن کي ڏسڻ سان پڙهندڙ ۽ برائيءَ جو تصور اپري اچي ٿو. هيءُ سمورو ڪتاب ٻه سؤ چوويهه صفحن جو هڪ بهترين ۽ معلوماتي ڪتاب آهي، جيڪو مختلف جانورن، پکين، جيتن ۽ انسانن جي قسمن ۽ عادتن کي ذڪر هيٺ آڻي تن جي قسمن، عادتن ۽ آوازن جو ذڪر ڪيو ويو آهي. ڪتي ۽ ٻلين جا قسم، عادتون ۽ وفادارين جو تذڪرو ڪيو ويو آهي. تهڙي طرح وري گهوڙي جي اصل نسل جي ٻه وضاحت ڪئي وئي آهي. گڏهه ۽ خچر کي سئوٽ چيو ويو آهي. ”گڏهه ۽ گهوڙو جڏهن پاڻ ۾ لڳ ڪندا آهن، ته خچر پيدا ٿيندو آهي، خچر ۾ پنهنجي ذات کي پيدا ڪرڻ جي صلاحيت بلڪل ڪانهي... خچر، گڏهه ۽ گهوڙي جو اولاد آهي.“ (جويو، ۱۹۹۴: ۲۱)، ڪتاب ۾ ڪيترن ئي جانورن جي عضون ۽ خصلتن بابت پڻ ٻڌايو ويو آهي. ڪتاب مان چڱين ۽ برين عادتن جي معلومات پڻ حاصل ٿئي ٿي. اهڙي قسم جي ڪتابن جي ترجمن ڪرڻ سان ڪيترائي فائدا حاصل ٿين ٿا. اهڙي قسم جي چونڊ ۾ مترجم جي اهليت ۽ قابليت جو ٻه اعتراف ڪرڻو پوي ٿو. مترجم ٻلي چونڊ ڪري، سنڌي ٻوليءَ ۾ اهم اضافو ڪيو آهي. اهو ٻه ڏسڻ ۾ اچي ٿو ته، مترجم ڪتاب جي اصل مواد کان متاثر ٿي،

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

سنڌيءَ ٻوليءَ ۾ هڪ لاپائتي ڪم جو اضافو ڪري هڪ اهم علمي قدم ڏانهن وک وڌائي آهي. هن ڪتاب ۾ ڪيترن ئي قومن ۽ قبيلن جي اصل نسل ڪي به بيان ڪيو ويو آهي، ته اُهي قومون بنيادي طور ڇا هيون ۽ هن وقت ڇا آهن؟ خصوصاً انگريزي، فرينچ، اطالوي، اچوڪا يوناني وغيره وغيره بابت معلومات ڏني وئي آهي. بهرحال انساني اوسر ڪان وٺي، وحشي ماڻهن جي ڏنڌن، وحشي ماڻهن جي طبيعتن ۽ فطرت کي سمجهڻ جي معلومات آڏو اچي ٿي. وحشي ماڻهن جي سمجهه، وحشي ماڻهن جا اخلاقي خيال ۽ ماڻهن جي سماجي فطرت، هن ڪتاب جا اهم موضوع آهن، جن تي بحث ٿيل آهي.

## دنيا جون شاعر عورتون

ڊاڪٽر فهميده حسين جنهن سنڌي ٻولي ۽ ادب جي شعبي ۾ شاندار خدمتون سرانجام ڏنيون آهن. ادب، لغت، شعر ۽ لسانيات دلچسپ موضوع اٿس.”دنيا جون شاعر عورتون“ جو ٻيو ڇاپو (٢٠١٠ع) وارو اسان جي اپياس هيٺ آهي.

دراصل هيءُ ڪتاب انگريزي The penguin Book of Women ”Poets“ڪتاب تان ترجمو ڪيو ويو آهي. هن ڪتاب ۾ دنيا جي (٨٧) شاعرائن جي ڪلام مان چونڊ ڪري تن جي ڪلام جو نمونو ڏنو ويو آهي جن ۾، مصر، يونان، روم، چين، هندستان، تامل، آئرليند، انگليند، عربستان، بزنطيني، جپان، اسپين، فرانس، اٽلي، ترڪي، ڪوريا، ميڪسيڪو، سئيڊن، روس، فنلينڊ، ڪيوبا، آمريڪا، روس، ڊينمارڪ، ترڪي، اسرائيل، ايران، تائيوان، ڪوريا، موراڪو، آئوري ڪوسٽ، يوروگوئيءَ، چلي، پيرو ۽ اسپين جي شاعرائن جي ڪلام جو نمونو ڪتاب ۾ شامل آهي. سمورو ڪتاب ٻه سؤ اٺن صفحن (٢٠٨) تي مشتمل آهي.

## ايسپ جون آکاڻيون

هيءُ ڪتاب’ايسپ جون آکاڻيون‘ آوائلي ڪتابن مان هڪ آهي، جنهن کي ديوان ننديرام مير چنداڻي سيوهاڻي سنڌيءَ جو ويس ڍڪايو آهي. هن ڪتاب جو اٺون ڇاپو اسان جي آڏو آهي، جيڪو آگسٽ ٢٠١٨ع ۾ شايع ٿيو آهي. هن ڪتاب جي قيمت هڪ سؤ پنجاهه رپيا ٠٠ _١٥٠ آهي. هيءُ سمورو ڪتاب هڪ سؤ سٺ صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ٻه سؤ سترهن آکاڻيون موجود آهن. جيڪي مختلف جانورن، وڻن، ٻوٽن ۽ انسانن بابت آهن. پهرين آکاڻي جو عنوان آهي: ”گدڙ ۽ ڊاڪ“ ۽ ڪتاب جي آخري آکاڻي

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

”بازيگر ۽ ڳوڻاڻي جي“ آهي. هن ڪتاب جون آکاڻيون ڪنهن نه ڪنهن نصيحت تي آڌاريل آهن.

## گِرم جون آکاڻيون

’گِرم جون آکاڻيون‘ جنهن جو سنڌي مترجم: خانصاحب مريد علي آهي. هيءُ اصل ۾ هڪ انگريزي ڪتاب (Grimm's Fairy Tales) تان ترجمو ڪيو ويو آهي. سنڌي ادبي بورڊ هن ڪتاب جو پنجون ڇاپو (آگسٽ ۲۰۰۵ع) ۾ شايع ڪيو آهي. ڪتاب جي قيمت پنجاھ رپيا رکيل آهي. هي سمورو ڪتاب هڪ سؤ پنجانوي صفحن تي مشتمل آهي، جنهن ۾ ڪل اوڻيهه (۱۹)، آکاڻيون ڏنل آهن. هن ڪتاب جي پهرين آکاڻي ”ڇهه نوڪر“ ۽ ڪتاب جي آخري آکاڻي ”ٻارهن ڀائر“ آهي. هن سموري ڪتاب جون ڪهاڻيون نصيحت ڀريون ۽ سهڻي ٻوليءَ ۾ تخليقي ادب سان سينگاريل آهن. يعني ٻولي ۽ آکاڻيون دلچسپ نوع ۾ پنهنجا جلوا ڏيکاري رهيون آهن. سنڌي مترجم جي اهڙي ڪم کي داد ڏجي ٿو، جنهن مان اهو پڻ معلوم ٿئي ٿو ته، مترجم، ترجمي وارو حق درست ادا ڪيو آهي.

## ترجمي جو فن ۽ مطالعو

ترجمي جي موجوده معنيٰ ۾ مفهوم جي مدنظر سنڌيءَ ۾ ترجمانگاري جي فن ڪيترائي سفر طئي ڪيا آهن. سنڌيءَ ۾ ترجمي جي روايت جو پهريون اهڃاڻ عربن جي دور ۾ ملي ٿو، جنهن جو ذڪر مٿي ڪري آيا آهيون. ترجمن جي شروعات بابت علمي ۽ ادبي ڪتابن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته، شروعاتي ترجما مذهبي، سماجي ۽ اخلاقي موضوعن جا ڪيا ويا آهن. ترجمي جي فن جي ڪيترن عالمن ۽ اديبن مخالفت ته ڪئي وري انهيءَ فن سان اتفاق به ڪيو آهي. ڪن جو چوڻ آهي ته، ”جن وٽ ڪتابن خلقڻ جي طاقت نه آهي سي پلي ٻين جي خلقيل خيالن کي سنڌي جامون پهرائيندا اچن.“ (پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، ۲۰۰۷: ۳٤)، اهڙي طرح وري جڏهن سنڌي ساهت ۾ علم ادب جي ڪوٺ ڏانهن نهاريائون ته، پنهنجي راءِ تبديل ڪري ترجمي واري فن جي ساراھ ڪري اصلاحي راين کان پوءِ، مونجهارن جا حل ٻڌايائون جا هڪ خوش آئين ڳالهه آهي. هن وقت جي صورتحال هي آهي ته، نقاد تنقيد ته ڪندا آهن پر مسئلي جو حل ٻڌائڻ کان قاصر هوندا آهن. ”تخليق ترجمو ٻئي ساهت جون شاخون گڏ چالو رهڻ کپن.... اسان جا ديسي سڌريل ساهتن جهڙوڪ هندو، بنگالي، مرهٽي ۽ گجراتي ۾ ڏارين ٻولين مان ترجمو ڪندا ته ماڻهن جا نالا، مڪاني حالتون

وغيره سپ ان ملڪ جا قائم رڪندا، جنهن بابت ڪتاب لکيل هوندو، ته انهن کي ڦيرائي گهيرائي هرپرو هندستاني حالتن سان ٺهڪائيندا جيئن سنڌي ترجمان ڪن ٿا.“ (ملڪاڻي، ٢٠٠٧: ٣٥) پروفيسر ملڪاڻي، مسٽر نارائڻداس ڀمڀاڻي جي ترجمو ڪيل ناول ”پاپ ۽ پاڪيزگي“ جيڪو هن هڪ انگريز ناول نويس هارڊي جي ڪتاب تان ترجمو ڪيو آهي، انهيءَ جو مثال ڏيندي لکي ٿوته: ”انگريزي حالتن کي، هندستاني حالتن سان ٺهڪايو آهي، جيڪي نه ٺيون ٺهڪن. اهڙي طرح هڪ ٻئي مترجم پرنسپال صاحبسنگهه شاهاڻي ”بلوڪوڪر“ ۾، وري انگريزي ڳوٺاڻيون حالتون سنڌي ٻهراڙيءَ جي حالتن سان اهڙيون ته وڻي ٺهڪايون آهن جو اصلوڪو ناول پيو ڀانئجي، جنهن ۾ وري ٻولي اُوٺائي ڪري ڪتاب جي ڪلا نکرڻ جو اظهار ڪري ٿو“(ملڪاڻي، ٢٠٠٧: ٣٥)، اهڙي طرح، پروفيسر ملڪاڻي جو اهو به چوڻ آهي، ڌاريون حالتون ڪڍي ڪتابن ۾ ته ٺهڪي به اچن، تنهن هوندي به ترجمي ڪرڻ جو خاص مطلب اڌو هوندو آهي ته، ڏيهي پرڏيهي پڙهندڙن کي اجنبي ملڪن جي ريتن، رسمن ۽ رواجن، هلت چلت ۽ ڀنگتي حالتن جي پروڙ پوي، سوته، ثواب ڪونه ٿيو. جڏهن سنڌ تي انگريز راڄ قائم ٿيو، تنهن کان اڳ ۾ پيش ڪيل ترجمن ۾ عربي ۽ فارسي جا لفظ، محاورا ۽ اصطلاح ايندا رهيا، سي وري انگريزن جي دور ۾ نوان نوان لفظ، اصطلاح، پهاڪا ۽ محاورا سنڌيءَ جي زينت بڻجي آيا جنهن ۾ نيون نيون تشبيهون ۽ استعارا ٻوليءَ جو سينگار بڻيا.

## راسيلاس ناول جي ٻولي

هيءُ سنڌي زبان جو پهريون ترجمو ٿيل ناول آهي. جنهن جو موضوع تلاش ۽ کوجنا آهي اُنهن خوبين ڪري سنڌي مترجمن، ناول کي سنڌي زبان جو ويس ڍڪايو آهي. هن ناول کي سنڌي مترجمن نولراءِ اڌرام ۽ ٿانورداس اهڙي ته، سهڻي، سليس، سپڪ ۽ عام فهم زبان ۾ آندو ويو آهي جو ائين محسوس ٿئي ٿو چڻ ته، هي لکيو ئي سنڌي زبان لاءِ ويو آهي. هن ناول ۾حبش جي شهزادي ”راسيلاس“ ۽ سندس ڀيڻ ”نيڪايا“ عملاڪ نالي هڪ سائنسدان جي صحبت ۾ اچي شهزادن واري هڪ رخي زندگي مان بيزار ٿي مائٽن کي اطلاع ڏيڻ کان سواءِ لڪ چوري سان نڪري دنيا جو سفر ڪري وڏو تجربو حاصل ٿا ڪن. انهن کوجنا جي نتيجن حاصل ڪرڻ کان پوءِ سائنس جي ايجاد جي وسيلي هوا ۾ اڏامڻ جي اڳڪٿي پڻ ڪئي وئي هئي.

## سنڌي ناولن جا ترجما

سنڌي ادب جي تاريخن جي اڀياس مان معلوم ٿئي ٿو ته، سرڪاري ۽ نجي ادارن ڪيترن ئي لاجواب ۽ شاهڪار دنيا جي مشهور ۽ مقبول تخليقڪارن جي ناولن جا سنڌي زبان ۾ ترجما ڪرائي شايع ڪيا آهن. سنڌي مترجمن ۾ مرزا قليچ بيگ هڪ سرواڻ جي حيثيت ۾ نظر اچي ٿو.
”مرزا صاحب وٽ موضوع جي ايڏي ورائٽي آهي، جو سچ پچ حيرت ٿي ٿئي ته مرزا قليچ بيگ ايترن موضوعن کي ڪيئن پنهنجي طبيعت تي آڻي انهن جا ترجما ڪيا آهن.“ (ولي رام ولڀ، ٢٠٠٩: ٦٥)، مرزا قليچ بيگ، ڪاڪو ڀيرومل مهرچند آڏواڻي، پروفيسر منگهارام ملڪاڻي، محمد عثمان ڏيپلائي، سراج ميمڻ، ولي رام ولڀ، نجم عباسي جنهن ”ڳاڙهو لالٽين“، ”ڀهاڙن ۾ پڪار“ ۽ ”زلزلو“ وغيره هڪ بهترين مثال آهن. اهڙي طرح، ڊاڪٽر قاضي خادم جي ترجمن جا هي بيمثال ڪتاب آهن: ناول ”زوال“، ”پيار ۽ سپنا يا جواريءَ“ وغيره وغيره جا نالا ملن ٿا..

## نتيجو

مذڪوره مقالي لاءِ جيڪي ڪتاب مطالعي هيٺ رهيا، تن مان جيڪو نتيجو آڏو آيو آهي تن کي پنهنجي نقطهءَ نظر سان ڏسي نتيجو اخذ ڪيو ويو آهي. ”ادبي زاويي _ ڪل پاڪستان اهل قلم ڪانفرنس“ (١٩٨٣ع) جا مقالا _ ٢. هيرو شيڪاڻي جو ”ادب جا معيار ۽ سنڌي ادب“ (٢٠١٣ع) ٣. ڊاڪٽر عبدالغفو ميمڻ جو ”سنڌي ادب جو فڪري پس منظر _ ((٢٠٠٢ع)، ليکڪ: سيد حسام الدين راشدي ۽ سنڌي مترجم: غلام محمد لاکو جو ”سنڌي ادب“ (’٢٠٢٠ع)، ڊاڪٽر محمد صالح گوپانگ جو ”پرائمري درسي ڪتابن جو تحقيقي جائزو“ (٢٠١٢ع) وغيره جي مطالعي کان پوءِ هن نتيجي تي پهتو آهيان ته، حاضر دور جي گهرجن پٽاندر سنڌي زبان کي اسڪولن، ڪاليجن ۽ يونيورسٽين ۾ ذريعا تعليم بڻائي اعليٰ ادارن ۾ سنڌي شعبن کي فعال بڻايو وڃي. سنڌي زبان جي نصاب ۾ سائنس ۽ ٽيڪنالوجي بابت ڪي سبق شامل ڪيا وڃن. افسانوي ادب کي سائنسي انداز ۾ پيش ڪرڻ جي شروعات ڪرڻ گهرجي. اهڙي نموني علمي وادبي ادارن ۾ ڪم ڪندڙ اسڪالرن، اديبن، شاعرن لاءِ ضروري آهي، ته اُهي شاعريءَ کي جذباتي قسم مان ٻاهر ڪڍي سنجيده نموني جي شاعري تخليق

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

ڪري قومن جي پلائي واري دائري ۾ آڻين. دنيا جي رخن مان معلوم ٿئي ٿو ته، پوري دنيا تبديلي طرف وڃي رهي آهي، اُتي سمورين قومن سان گڏ پاڪستاني قوم کي به وڏا چئلينج سامهون اچي رهيا آهن. انهن چئلينجن کي مُنهن ڏيڻ لاءِ سائنسي ۽ ٽيڪنيڪل مواد کي اردو، پنجابي، سرائڪي، سنڌي، بلوچي، پشتو، براهوي، ٻولين ۾ آڻي، انهن ٻولين جي لغتن تيار ڪرائڻ جو ڪم ڪيو وڃي ته، جيئن ترجما ڪرڻ آسان پيدا ٿي پوي.

## حوالا


١. الانا، غلام علي، (ڊاڪٽر)، (٢٠٠٦) _ سنڌي ٻوليءَ جي ارتقا _ (ڇاپو پهريون)، سنڌي لئنگويج اٿارٽي حيدرآباد، سنڌ، پاڪستان.
٢. جوڻيجو، عبدالجبار، (ڊاڪٽر)، (١٩٧٣) _ سنڌي شاعريءَ تي فارسي شاعريءَ جو اثر _ (ڇاپو پهريون)، انسٽيٽيوٽ آف سنڌ الاجي.
٣. سنڌيڪا ڊڪشنري، (٢٠٠٣) انگلش _ سنڌي: (جديدترين جامع لغت)، (ڇاپو پهريون)، سنڌيڪا اڪيڊمي ڪراچي.
٤. قريشي، حامد علي 'خانائي' (١٩٧١) ''سنڌي نثر جا ابتدائي اهڃاڻ'' سه ماهي علمي ۽ ادبي رسالو ''مهراڻ'' نمبر (٤) ايڊيٽر: غلام محمد ''گرامي'' آڪٽوبر _ نومبر، ڊسمبر، سنڌي ادبي بورڊ ''امين منزل''، گاڏي کاتو، حيدرآباد، سنڌ.
٥. قريشي، حامد علي 'خانائي' ڊاڪٽر، (١٩٨٧) ''سنڌي _ مولوي محمد حسين: (قصص الانبياء جو منظوم سنڌي ترجمو: ''سير بستان'' ١١٧٧ھ/ ١٧٦٣ع'' ماهوار ''الرحيم'' _ نمبر (١٢، _ ١) سنڌي _ ايڊيٽر: غلام مصطفيٰ قاسمي، فيبروري _ مارچ، شاه ولي الله اڪيڊمي صدر حيدرآباد، سنڌ.
٦. قريشي، حامد علي 'خانائي' ڊاڪٽر، (١٩٩٤) ''خليفي مخدوم ميان محمد ٺٽويءَ جي سنڌ _ آيت بسم الله ۽ سورت الملڪ جي تفسيرن جو علمي جائزو'' ٽماهي ''مهراڻ'' نمبر (٣ _ ٤)، ايڊيٽر: نفيس احمد شيخ، جولاءِ _ ڊسمبر، سنڌي ادبي بورڊ، ڄامشورو، سنڌ.
٧. ملڪاڻي، منگهارام، پروفيسر، (٢٠٠٧) _ ادبي اصول _ (ڇاپو ٻيو، اداري پاران)، سنڌي ساهت گهر، حيدرآباد، سنڌ.

ISSN (**Print**): 2709-9636 | ISSN (**Online**): 2709-9644
**Volume 2, Issue IV, (October to Decmber 2021)**

٨. ولي رام ولپ، (٢٠٠٩) ”مرزا قليچ بيگ: بحيثيت ترجما نگار“ ڪتاب: _ ڪيفي قليچ _ (ڇاپو ٻهريون)، ترتيب ۽ تدوين: زيب سنڌي، شمس العلماء مرزا قليچ بيگ چيئر، فيڪلٽي آف آرٽس، يونيورسٽي آف سنڌ